# لالچ جو انجام

3-May-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# لالچ جوانجام

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، چوته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهه دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ رَاحت نشان آهي: اي انسانو! بيشڪ بروزِ قِيامت ان جي دَهشتن ۽ حِساب ڪتاب مان جَلد نَجات ماڻڻ وارو شَخص اهو هوندو، جنهن توهان مان مون تي دُنيا ۾ ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهيا هوندا. (فردوس الاخبار ،باب الياء، ۲ / ۴۷۱،حديث: ۸۲۱۰)

شافعِ روزِ جَزا تم په کروروں دُرُود دافعِ جُمله بلا تم په کروروں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْکُرُواللّٰه , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## لالچ بُري بلا آهي!

حضرت سَيدُنا ابُو هرَيرَه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: بَنِي اِسرَائِيل ۾ ڪيئي عجائب (Wonders) هئا، تنهنڪري ماڻهن کي انهن جي باري ۾ ٻڌائيندا ڪيو جو هن ۾ ڪو حَرَج ناهي، جيڪڏهن مان توهان وٽ ٻن پوڙهين عَورتن جو قِصّو بَيان ڪيان ته ضَرور توهان کي تَعَجُّب ٿيندو. صَحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عَرض ڪيو، يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اِرشاد فرمايو، ته نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: بَنِي اِسرَائِيل جو هڪ شخص پنهنجي گهرواريءِ سان گهڻي مَحَبَّت ڪندو هو، انهن

ٻنهي سان گڏ انهن جون نابين ۽ پوڙهيون مائرون ٻہ رهنديون هيون، مڙس جي ماءُ هڪ نيڪ سيرت ۽ سچّي خاتون هئي جڏهن تہ گهرواريءِ جي ماءُ جو ڪردار اِنتهائي بُرو هو، هوءَ پنهنجي ڌيءِ کي مڙس جي ماءُ جي خِلاف ڀڙڪائيندي هئي، نيٺ هڪ ڏينهن گهرواريءِ پنهنجي مڙس کي چئي ڇڏيو تہ مان توسان ان وقت تائين خوش نٿي رهي سگهان، جيستائين تون پنهنجي ماءُ کي مون کان پري نہ ڪرين ڇڏين! جيئن تہ ان جو مڙس گهرواريءِ جي مَحَبَّت ۾ انڌو ٿي چڪو هو تنهنڪري ان نالائق گهرواريءِ جي چوڻ تي پنهنجي ماءُ کي ڪنيو ۽ پري ڪنهن جهنگ ۾ ڇڏي آيو تہ جيئن ان کي وحشي کائي وڃن ۽ پاڻ واپس موٽي آيو. جڏهن شام ٿي تہ ان جي پُوڙهي ماءُ کي دَرِندن گهيري ورتو، ايتري ۾ هڪ ملائڪ آيو ۽ ان ٻڍڙي کان سُوال ڪيو: هي ڪهڙيون آوازون آهن جنهن کي مان تنهنجي آس پاس ٻڌي رهيو آهيان؟ ٻڍڙي چيو: تمام سنيون، هي تہ ڳئون، اُٺ ۽ ٻڪري جون آوازون آهن. ملائڪ دُعا ڏني: چڱو ئي ٿئي. ايترو چئي اهو هليو ويو. جڏهن صُبح ٿيو تہ سجي وادي اُٺن، ڳئون ۽ ٻڪرين سان ڀريل هئي، ٻي پاسي ان جي پٽ کي خيال آيو تہ (اڄ) ماءُ وٽ وڃي ڏسان ٿو تہ ان سان ڇا ٿيو؟ پوءِ جڏهن هو ان جهنگ ۾ پهتو تہ اُٺ، ٻڪرين ۽ ڳئون سان ڀريل وادي ڏسي حَيرت ۾ پئجي ويو. ان پنهنجي ماءُ کان پڇيو! اي منهنجي امڙ! اهو ڇا ماجرو آهي؟ ماءُ چيو! اي منهنجا پٽ! اهو سڀ الله جي طرفان رِزق ۽ ان جي عطا آهي جڏهن تہ تُو منهنجي نافرماني ڪري منهنجي مُعامَلي ۾ پنهنجي گهرواريءِ کي راضي ڪيو هو. اهو ٻڌي نالائق پٽ پنهنجي نابين ماءُ کي ڪنيو ۽ الله پاڪ جي طرفان ان کي عطا ڪيل نعمتن يعني اُٺن، ڳئون ۽ ٻڪرين کي هڪليندو خوشي خوشي گهر موٽي آيو. اهو منظر ڏسي لالچي گهرواريءِ جي وات ۾ پاڻي اچي ويو، ان چيو: مان تون سان ان وَقت تائين خوش نہ ٿينديس جيستائين تون منهنجي امڙ کي بہ انهيءَ هنڌ تي نہ ڇڏي اچين جتي پنهنجي ماءُ کي ڇڏي آيو هئين تہ جيئن ان کي بہ اهي ئي نعمتون ملن جيڪي تنهنجي امڙ کي مليون آهن. پوءِ

مڙس، گهرواريءَ جي پُوڙهي ماءُ (يعني پنهنجي سس) کي بہ اتي ڇڏي آيو جتي پنهنجي ماءُ کي ڇڏيو هو ۽ واپس موٽي آيو. جڏهن شام ٿي تہ دَرِندن ان کي گهيري ورتو ۽ ان وٽ ساڳيو ملائڪ آيو جنهن کي الله پاڪ ان کان پهريان هڪ پُوڙهي عورت يعني مڙس جي ماءُ ڏانهن موڪليو هو. ملائڪ پڇيو: اي بُڍڙي! هي آواز ڪهڙا آهن جيڪي مان تنهنجي آس پاس ٻڌي رهيو آهيان؟ چيائين: نهايت بُرا، الله پاڪ جو قسم! گهٽو ڊپ ٿي رهيو آهي. اهي دَرِندن جو آواز آهي، هي تہ مون کي ڪائي مارينداً. ملائڪ چيو: بُرو ئي ٿئي!، اهو چئي ملائڪ هليو ويو. دَرِندا ان تي ڪاهي پيا ۽ ان کي چيري ڦاڙي ان جو ڪم تمام ڪري ڇڏيو. جڏهن صَبح ٿيو تہ ان جي لالچي گهرواريءَ مڙس کي چيو: وڃ، وڃي خَبَر تہ وٺ منهنجي ماءُ سان ڇا ٿيو؟ پوءِ ان جو مڙس گهرواريءَ جي ماءُ جي خَبَر وٺڻ جي لاءِ جهنگ ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن هو جهنگ ۾ پهتو تہ اتي ان کي پنهنجي پُوڙهي سس (Mother-in-Law) جون هڏيون مليون. اهو (هڏيون ڪٺي) گهر آيو، جڏهن ان پنهنجي لالچي گهرواريءَ کي ماءُ جو حال ٻڌايو تہ ان کي شديد رَنج ٿيو. مڙس ٻيڙي جي هڏين کي هڪ چادر ۾ ڪنيو ۽ اُنهن کي ان جي ڏيءَ جي اڳيان رکي ڇڏيو، لالچي عَورت پنهنجي پُوڙهي ماءُ جي جُدائي جو صَدمو برداشت نہ ڪري سگهي ۽ اها بہ مَوت سان هم آغوش ٿي وئي. (المنتظم،ذکر اقوام من القدماء، ۲/۱۶۸، ملخصاً)

جو کچھ ہیں وہ سب اپنے ہی ہاتھوں کے ہیں کرتُوت — شکوہ ہے زمانے کا نہ قسمت کا گِلا ہے
دیکھے ہیں یہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت — سچ ہے کہ بُرے کام کا اَنجام بُرا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **لالچ** بُري بَلا آهي، **لالچ** اِنسان کي انڌو ڪندي آهي،**لالچ** عَقل تي پَردو وجهندي آهي، **لالچ** جي نُحوست جي سبب دِل مان خَوفِ خُدا نڪري ويندو آهي، **لالچ** جي ڪري اِنسان پنهنجن جو دُشمن ٻڻجي

ويندو آهي، **لالچ** جي سبب انسان ماڻهن جي اِحسانن کي وساري ڇڏيندو آهي، **لالچ** انسان کي غِيبَت، چُغُلخوري، دل آزاري ۽ اِلزام تَراشي تي اُڀاريندي آهي، **لالچ** فتنن کي جاڳائيندي آهي، **لالچ** چڱي بُري جي تميز ختم ڪندي آهي، **لالچ** اِنسان کي ظُلم تي اُڀاريندي آهي، **لالچ** وڏن جي ادب کان مَحروم ڪندي آهي،**لالچ** ڀلائي ۽ خَير خواهي جو جذبو خُتم ڪندي آهي، **لالچ** اِنسان کي مَفاد پَرَستي سيکاريندي آهي، **لالچ** اِنسان جي دل مان همدردي جو جذبو ڪڍي ڇڏيندي آهي، **لالچ** دُنيا ۽ آخرت ۾ ذِلّت ۽ رُسوائي جو سبب ٿيندي آهي، **لالچ** اِنسان کي بي سُڪوني ۾ مُبتَلا ڪندي آهي، **لالچ** اِنسان کي اَڪيلو ڪري ڇڏيندي آهي، **لالچ** اِنسان کي ذليل ڪرائيندي آهي ۽ **لالچ** جو اَنجام گهڻو ڀيانڪ هوندو آهي. مطلب تہ **لالچ** جون تباه ڪاريون ايتري قَدر گهڻيون آهن جو. اَلْاَمَانوَالْحَفِيظ

تنهنڪري عقلمندي هن ۾ آهي تہ اسان لالچ ۽ ٻين جي مال تي نَظر رکڻ کان بچندي قَناعت ۽ سادَگي کي اپڻايون، ائين اسان جي زندگي(Life) بہ پرسُڪون گذرندي ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ بہ اسان کي هن جون خوب خوب بَرَڪتون نصيب ٿينديون. بَيان ڪيل حڪايت مان اهو مَدَني گل بہ مِليو تہ ڪنهن جي خِلاف سازِش ڪرڻ جو اَنجام نهايت بُرو ٿيندو آهي چوتہ جيڪو ٻين لاءِ کڏ کوٽيندو آهي، آخرڪار هڪ ڏينهن اهو پاڻ ان کڏ ۾ وڃي ڪرندو آهي،جيئن تہ

## جيڪو ڪنهن لاءِ کڏ کوٽي تہ اهو پاڻ ئي ان ۾ ڪرندو!

حضرت سَيِدُنَا عَبدُالله بِن عبّاس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري حضرت ڪعب رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْہُ ان کي چيو: ”تَورات شريف ۾ آهي تہ جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ لاءِ کڏ کوٽيندو آهي اهو پاڻ ان ۾ ڪري پوندو آهي.حضرت سَيِدُنَا عَبدُالله بِن عبّاس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جن فرمايو:”ان طرح جو مَضمون تہ قرآنِ ڪريم ۾ بہ مَوجود آهي.حضرت ڪعب رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْہُ پڇو: ڪاٿي آهي؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا اِرشاد فرمايو: هي آيت پڙهو:

وَلَا یَحِیْقُ الْمَكْرُ السَّیِّئُ اِلَّا بِاَهْلِهٖ
(پ۲۲،فاطر:۴۳)

**ترجمو كنز الايمان:** ۽ بري سازش نہ پوندي آهي پر سازش واري تي

(تفسير قرطبي،فاطر، تحت الآية: ۴۳، ۲۶۱/۷ملخصاً)

## ڪنهن جي خلاف سازش نہ ڪريو

امام زُهري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ نبي اَڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: توهان ڪنهن جي خلاف سازِش نہ ڪريو ۽ نہ ئي ڪنهن سازِش ڪرڻ واري جي مدد ڪريو ڇاڪاڻ تہ الله پاڪ اِرشاد فرمائي ٿو:

وَلَا یَحِیْقُ الْمَكْرُ السَّیِّئُ اِلَّا بِاَهْلِهٖ
(پ۲۲،فاطر:۴۳)

**ترجمو كنز الايمان:** ۽ بري سازش نہ پوندي آهي پر سازش واري تي

(تفسير قرطبي، فاطر، تحت الآية: ۴۳، ۲۶۱/۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! حِرص ۽ لالچ پاڻ ۾ مُتَرَادِف يعني هڪ جهڙا لفظ آهن جن جي معنيٰ ساڳي آهي، لالچ اردو زبان جو جڏهن تہ حِرص عَرَبي زبان جو لفظ آهي.حِرص ۽ لالچ ڪنهن شيءِ جي وڌيڪ خواهش ڪرڻ جو نالو آهي ۽ اها ڪنهن بہ شيءِ جي ٿي سگهي ٿي، جيئن تہ

## حِرص جي تعريف

حڪيم الاُمَّت حضرت مُفتي اَحمد يار خان رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ اِرشاد فرمائن ٿا: ڪنهن شيءِ مان دل نہ ڀرجڻ ۽ هميشہ زيادَتي جي خواهش رکڻ کي حِرص ۽ حِرص رکڻ واري کي حَرِيص(Greedy) چوند آهن.(مرآۃ المناجيح،۸۶/۷ بتغير) تنهنڪري وڌيڪ مال جي خواهش رکڻ واري کي "مال جو حَرِيص" چوندا آهن، وڌيڪ کائڻ جي خواهش رکڻ واري کي "کاڌي جو حَرِيص" چيو ويندو، نيڪين ۾ اِضافي جي تَمَنّا ڪرڻ واري کي "نيڪين جو حَرِيص" جڏهن تہ گناهن جو بوجھ وڌائڻ واري کي "گناهن جو حَرِيص" چوندا آهن. شَيخُ الحَدِيث حضرت علّامہ عَبدالمُصطَفيٰ اَعظَمِي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ لکن ٿا: لالچ ۽ حِرص جو جذبو خوراڪ، لباس، گهر، سامان، دَولت، عِزَّت، شُهرت مطلب تہ هر نعمت ۾ ٿيندو آهي.

(جنتي زيور ،ص۱۱۱ملخصًاـفيضان رياض الصالحين،ص۲۷۸)

پر اڄ اسان جنهن حِرص ۽ لالچ جي باري ۾ ٻڌنداسين هن مان مراد بُري لالچ آهي. لالچي انسان نهايت رَحم لائق هوندو آهي، ان ڪري جو هوشيار ماڻهو ان ڪي طرح طرح سان لالچ ڏئي ان ڪي بيوقوف بڻائي پنهنجا ڪم ڪيرائيندا آهن، مثال طور ڪڏهن ڪو نوڪري جو آسرو ڏئي ان کان پيسا وٺندو رهندو آهي، ڪڏهن هي مُختلِف اِدارن ۽ ڪمپنين جي پُرڪشش پيڪيجن جي جار ۾ ڦاسي ويندو آهي، ڪڏهن اِنعام جي لالچ ان کي سڄي زندگي جي جمع ٿيل دولت کان محروم ڪرائيندي آهي، ڪڏهن هي وڏيڪ سٺي نوڪري جي چڪر ۾ لڳل نوڪري(Job) کي بہ هٿان وڃائي ويهندو آهي، ڪڏهن راتو رات اَمير ۽ مالدار ٿيڻ جي لالچ ان کي تباهہ ڪندي آهي، دَولت جي لالچ ڪڏهن ان کي مُختلِف مُقَدَّمن ۾ ڦاسائيندي آهي، ڪڏهن هو عُهدي ۽ مَنصَب جي لالچ ۾ رِشوت خوري جي گناهہ ۾ پوندو آهي پر جڏهن اک کلندي آهي تہ ان کي پنهنجي ڪيل تي گهڻو پڇتائڻو پوندو آهي پر ”اب پچھتائے کیا ہوَت جب چِڑیاں چُگ گئیں کھیت“ اچو! اهڙي ئي هڪ بيوقوف ۽ لالچي شخص جو واقعو ٻڌون ٿا جنهن کي عزّت جي دال ماني نصيب هئي پر چڱي ڪاڏي جي حرص ان کي هڪ مالدار دوست جي پيرين پوڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، جنهن جي ڪري نہ صرف ان جي عزّت خاڪ ۾ ملي وئي بلڪ ان کي ذِلّت ۽ رُسوائي کي منهن ڏيٺو بہ پيو، جيئن تہ

## دَولت جي لالچ ۾ دوستي ڪرڻ جو اَنجام

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي ڪتاب ”حِرص“ جي صَفحي نمبر218 تي آهي تہ هڪ غريب شخص جا 3 پٽ هئا، جيڪا ڪجهہ ان کي دال ماني مُيسَّر ٿيندي هئي پاڻ بہ کائيندو هو ۽ انهن کي بہ کارائيندو هو. اُن مان هڪ پٽ پيءُ جي غُربت ۽ دال ماني کان خُوش نہ رهندو هو، جيئن تہ هن هڪ دولت مند نوجوان سان دوستي ڪري ورتي ۽ چڱو کاڌو ملڻ جي لالچ ۾ ان جي گهر اچڻ وڃڻ لڳو. هڪ ڏينهن اُنهن جي وچ ۾ ڪنهن ڳالهہ تي ناراضگي ٿي پئي. دَولت مند پنهنجي اَميري جي غُرُور ۾ ان کي خُوب ماريو

ڪٽيو ۽ اُن جا ڏند پچين وڏا. تڏهن اهو غريب دل ئي دل ۾ توبہ ڪندي چوڻ لڳو تہ منهنجي پيءُ جي پيار سان ڏنل دال ماني هن مار ڪُٽ ۽ ذِلّت واري سٽيي گرھ ڪان بهتر آهي، جيڪڏهن مان سنو ڪائڻ پيئڻ جو حرص نہ ڪيان هان تہ اڄ ايتري مار نہ کاوان هان ۽ منهنجا ڏند نہ ٽٽن هان. (حرص،ص۲۱۸)

مال کی حِرْص مت کرو اِس میں

دو جہاں کا وبال رکھا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حِڪايت ۾ خاص ڪري اُن ماڻهن جي لاءِ عبرت جا مدني گل آهن تہ جيڪي مال ۽ دَولت يا عزت ۽ مَنصَب وغيره جي هوَس ۾ پنهنجي آخرت کي داءُ تي لڳائي ڇڏيندا آهن، دَر دَر جا ڌڪا کائيندا آهن ۽ پوءِ بعد ۾ پڇتائيندا آهن. ياد رکو! الله پاڪ جنهن جو جيترو رِزق لکيو آهي ان کي اهو ضرور ملندو، تنهنڪري عافِيت انهيءَ ۾ آهي تہ جيترو الله پاڪ اسان کي نوازيو آهي اسان ان تي قناعت ڪرڻ سکون، ڪفايت مطابق ئي روزي ڪمايون ۽ وڌيڪ جي لالچ جو خيال بہ پنهنجي دل ۽ دماغ مان ڪڍي ڇڏيون، ڇوتہ اِنساني فِطرَت ۾ اها ڳالھ شامِل آهي تہ جيڪڏهن ان وٽ مال ۽ دَولت جو ڪوڙ سارو خزانو بہ هٿ لڳي وڃي تڏهن بہ ان جو حِرص پُورو نٿو ٿي سگهي ۽ وڌيڪ مال ۽ دَولت جي تَمَنّا ان جي دل ۾ باقي رهندي، جيئن تہ

رَحمتِ عالَم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: پُوڙهي جو دل ٻن (2) شين جي مَحَبَّت ۾ جوان ئي رهندو آهي: (1) زندگي ۽ (2) مال جي مَحَبَّت. (مسلم،ڪتاب الزکاة، باب كراهة الحرص...الخ،ص۴۰۳، حديث:۱۰۴۶) هڪ ٻي هنڌ تي اِرشاد فرمايايو: جيڪڏهن اِبنِ آدم وٽ سون جي هڪ وادِي هجي تہ چاهيندو تہ ان وٽ بہ (2) واديون هجن ۽ ان جي مُنهن کي مٽي جي سِوا ڪا شيءِ نٿي ڀري سگهي ۽ جيڪو الله پاڪ کان توبہ ڪري تہ الله ڪريم ان جي توبہ قَبول ڪندو آهي.

(مسلم،ڪتاب الزکاة، باب لو أن لابن آدم... الخ ، ص۴۰۴، حديث:۱۰۴۹)

یاخدا ماہِ رمضاں کے صدقے سچّی توبہ کی توفیق دیدے
نیک بن جاؤں جی چاہتا ہے یاخدا تجھ سے میری دعا ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوھان! سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيتري قدر بھترين اَنداز ۾ حِرص جي باري ۾ اسان جي رَھنمائي فرمائي تہ انسان جو حرص ڪڏھن پورو ناھي ٿيندو، جيڪڏھن ان کي سون سان ڀريل واديون بہ مِلي وڃن تڏھن بہ وڌيڪ جي خواھش ڪندو آھي ۽ ڪڏھن بہ ھو اھو نٿو سمجھي تہ بس ھاڻي مون کي مال ۽ دَولت جي ضرورت ناھي. بھرحال اسان کي گھرجي تہ اسان مال کان دل لڳائڻ جي بدران ان کي چڱن ھنڌن تي خرچ ڪري پنھنجي لاءِ نجات جو سامان ڪريون. اسان جا بُزرگ سڳورا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِين مال جي حقيقت کان چڱي نموني واقف ھئا، اھو ئي سبب آھي جو اھي حضرات سڄي زندگي مال جي مَذَمَّت ۽ ان جي تباھ ڪارين کي بيان ڪندا رھيا. اچو! عبرت جي لاءِ بُزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِين جا ڪجھ قول ٻڌو ۽ مال جي مَحَبَّت کي ھميشہ جي لاءِ پنھنجي دل ۽ دماغ مان ڪڍي ڇڏيو، جيئن تہ

## مال جي مَذمّت جي باري ۾ بُزرگ سڳورن جا قول

❖ حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرت سيدُنا امام محمد غَزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تحرير فرمائن ٿا: حضرت سَيدُنا حسن بَصْري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِرشاد فرمايو: تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪو درھم (يعني دولت) جي عزّت ڪندو آھي الله ربّ العزّت ان کي ذلت ڏيندو آھي، ❖ منقول آھي سڀ کان پھريان درھم ۽ دينار ٺھيا تہ شيطان ان کي کڻي ڪري پنھنجي پيشانيءَ تي رکيو پوءِ ان کي چميائين ۽ چيائين جنھن ھنن سان محبت ڪئي اھو منھنجو غلام آھي. ❖ حضرت سيّدُنا سُمَيط بن عَجلان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: درھم ۽ دينار(مال ۽ دولت) منافقن جا لگام آھن اھي انھن جي ذريعي دوزخ جي طرف ڇڪيا ويندا ❖ حضرت سيّدُنا يحيىٰ بن مُعاذ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، درھم وڇون آھن، جيڪڏھن توھان ان جي زھر جو ٽوڙ نہ ٿا ڄاڻو تہ ان کي نہ پڪڙيو، ڇو تہ جيڪڏھن ان ڏنگ ھنيو تہ ان جو زھر توھان کي

ماري ڇڏيندو، عرض ڪيو ويو ان جو علاج ڇا آهي؟ فرمايائون حلال طريقي سان حاصل ڪرڻ ۽ ان جا حقوقِ واجبہ (زڪوٰة وغيره) ادا ڪرڻ. ❖ حضرت سَيِدُنا عَلاء بن زِياد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: دنيا خوب سينگارجي منهنجي سامهون مثالي صورت ۾ آئي، مون چيو، مان تنهنجي شر کان الله تعاليٰ جي پناهه گهران ٿو، ان چيو جيڪڏهن توهان مون کان محفوظ رهڻ چاهيو ٿا ته درهم ۽ دينار (روپين پيسن) سان نفرت ڪيو ڇو ته درهم ۽ دينار اهي شيون آهن جن جي ذريعي ماڻهو هر قسم جي دنيا حاصل ڪندو آهي تنهنڪري جيڪو انهن بنهي (يعني درهم ۽ دينار) کان صبر ڪندو يعني پري رهندو، اهو دنيا کان بہ صبر ڪري وٺندو. ❖ سيّدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **عربي شعر نقل ڪيا** آهن، انهن جو ترجمو هي آهي: ”مون تہ (هي راز) ڄاڻي ورتو آهي تہ پوءِ توهان بہ هن کان علاوه ڪجهه ٻيو گمان نہ ڪريو ۽ هي نہ سمجهو تہ تقويٰ هن درهم(مال ۽ دولت) وٽ آهي پوءِ جڏهن توهان هن (مال) تي قادر هجڻ جي باوجود ان کي ڇڏي ڏيو تہ ڄاڻي وٺو تہ توهان جي تقويٰ هڪ مسلمان جي تقويٰ آهي. ڪنهن ماڻهوءَ جي قميص تي لڱل چتيون يا پنين کان مٿي ڪيل شلوار يا ان جي پيشاني جنهن تي (سجدن جا) نشان هجن، انهن کي ڏسي دوکو نہ کائجو بلڪ اهو ڏسجو تہ هو درهم (مال ۽ دولت) سان محبت ڪري ٿو يا ان کان پري رهي ٿو. (احيا ءالعلوم،ڪتاب ذم البخل...الخ،٣/٢٨٨)

حُبِّ دنيا سے تُو بچا یاربّ عاشقِ مُصْطَفٰے بنا یاربّ

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! مال جي مَحَبَّت ڪهڙي منحوس آفت آهي. افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اڄ اسان جو مُعاشَرو مال جي مَحَبَّت جي ڦهنديءَ ۾ بُري طرح ڦاسي چُڪو آهي، جنهن کي ڏسو ان تي مال ۽ دَولت جمع ڪرڻ ۽ بينڪ بيلنس وڌائڻ جو جُنون سُوار آهي، **”پيسو هجي چاهي جهڙو هجي“** جهڙي بُري سوچ حلال ۽ حرام جي تميز ئي ختم ڪري ڇڏي آهي،

ايترو مال گڏ ڪري ورتو جو ست پيڙهيون ڪائن تڏهن به ختم نه ٿئي پر مال گڏ ڪرڻ جو نشو آهي جيڪو گهٽ ٿيڻ بدران وڌي ئي رهيو آهي، ڪيئي جائيدادون (Properties) ۽ ڪمپنيون ٺاهي ورتيون، ڊيڪوريشن سان آراسته گهر تعمير ڪري ورتا، بهترين مَلبُوسات سان اَلماريون ڀريون پيون آهن، دوڪان، فيڪٽريون، پيٽرول پمپس، هوٽلون ۽ مارڪيٽن مان لکين ڪرايو اچي رهيو آهي، عاليشان ڪارون، جديد ترين ليپ ٽاپ، آئي پيڊ، موبائلز ۽ جديد مشينون مَوجود آهن، پر لالچ گهٽ ٿيڻ بدران ويتر وڌندي پئي وڃي، لالچ خاطِر مِلاوٽ شده شيون خالص جڏهن ته ٻه نمبر شيون هڪ نمبر ظاهر ڪري وڪڻي مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي خُدا جي فَضل جو نالو ڏنو پيو وڃي، عزّت ۽ شهرت ۽ مَنصب جي حُصول جي لالچ ۾ رِشوت ڏيڻ ۽ ٻين جو حق مارڻ کان به پاسو نه پيو ڪيو وڃي. پُرآسائش زندگي گذارڻ جي باوجود به ڪجهه هن طرح جون خواهشون دل ۾ مچنديون رهنديون آهن ته

اي ڪاش! مان به فُلاڻي وانگر سيٺ هجان هان، اي ڪاش! فُلاڻي وانگر مون وٽ به عاليشان بنگلو هجي هان، اي ڪاش! مان به فُلاڻي جيان مُختلِف مُلڪن ۽ شهرن جي نظاري جي قُدرت رکان هان، اي ڪاش! مان به فُلاڻي جيان نت سان زندگي گُذاريان هان، اي ڪاش! مان به فُلاڻي وانگر مَنصَب ۽ وَزارت جا مزا ماڻيان هان، اي ڪاش! مان به فُلاڻي جيان جائيدادن جو مالڪ هجان هان، اي ڪاش! مون وٽ به فُلاڻي جيان جديد ترين ڪارون، اسڪوٽر ۽ ٻيون سَهولتون هجن هان، اي ڪاش! فُلاڻي وانگر منهنجي شُهرت جي به هاڪ هر پاسي ٿي وڃي هان وغيره وغيره.

اسان غور ڪريون ته ڪڏهن نيڪ ماڻهن ۽ سُنّتن تي عمل ڪرڻ وارن کي ڏسي ڪري به ڇا اسان جي دل ۾ سنّتن تي عمل ۽ نيڪيون ڪرڻ جو حِرص پيدا ٿيو؟ ،عاشِقانِ رسول کي خَوفِ خدا ۽ عِشقِ مُصطَفٰي ۾ روئيندو ڏسي ڇا اسان به اُنهن جهڙا ٿيڻ جي تمنّا ڪئي؟ زائرينِ مڪه و مدينه کي ڏسي ڇا اسان ۾ به زِيارتِ حَرَمَين شَرِيفَين جي لاءِ بيقَراري پيدا ٿي؟، ڪنهن کي فَرض

نَمازن، تَهجُّد، اِشراق ۽ چاشت، اَوَّابِين ۽ صَلَاۃ التَّوبَہ پڙهندي ڏسي ڇا اسان ۾ بہ هنن نَمازن جي اِهتمام جو جذبو بيدار ٿيو؟، ڪنهن کي تلاوتِ قُرآن ڪندي ڏسي اسان جي دل ۾ بہ تلاوتِ قُرآن جو حِرص پيدا ٿيو؟، قرآن جي حافظن ۽ ديني شاگردن کي ڏسي ڇا اسان جي اندر بہ حِفظِ قُرآن ۽ عِلمِ دِين جي حُصول جي تڙپ پيدا ٿي؟، مَدَني اِنعامات جي عامِلين ۽ مَدَني قافِلن جي مسافِرن کي ڏسي ڇا اسان جي دل ۾ مَدَني اِنعامات تي عمل ۽ مَدَني قافِلن ۾ سَفَر ڪرڻ جي تڙپ پيدا ٿي، 12مَدَني ڪم ڪرڻ، سُنّتن ڀري اِجتماعن ۽ مَدَني مُذاڪرن ۾ شرڪت ڪرڻ وارن عاشِقانِ رسول کي ڏسي ڇا اسان ۾ بہ هنن مَدَني ڪمن کي ڪرڻ جو حِرص پيدا ٿيو.؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان مان اهي خوش نصيب جيڪي مختلف تنظيمي ذميدارين تي دين جي خدمت ڪري رهيا آهن، اسان سڀ غور ڪريون تہ جيڪا منهنجي ذميداري آهي، ڇا مان ان جي مطابق وقت ڏئي رهيو آهيان يا نہ؟ پنهنجي ذميداري جا فرض پورا ڪري رهيون آهيان يا نہ؟ منهنجي شهر، علاقي، ڳوٺ ۾ 12 مدني ڪمن جي ڌوم ڌام آهي يا نہ؟ نون نون اسلامي ڀائرن تي انفرادي ڪوشش ڪري انهن کي بہ مدني ماحول سان وابستہ ڪري عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جو مدني ڪم ڪرڻ وارو بڻائڻ جو جذبو آهي يا نہ؟ جيڪڏهن جواب نہ ۾ آهي تہ اسان کي ان جو بہ حرص هجڻ گهرجي تہ اي ڪاش! منهنجي ذميداري جي عرصي ۾ هرطرف سنتن جي مدني بهار اچي وڃي، مسجدون نمازين سان ڀرجي وڃن، هر طرف مدني قافلن جون بهارون اچي وڃن، منهنجي ذمي جيڪي هدف آهن، اهي پورا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان، الله ڪريم اسان کي مدني ڪم ڪرڻ جي حرص نصيب فرمائي. اٰمين

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪين جي حِرص ۾ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي جڏهن تہ مال جي مَحبَّت ۽ لالچ ۾ دِين ۽ دُنيا جي تباهي ۽ بَربادي آهي، انسان مال جي لالچ ۾ مُبتَلا ٿي ڪڏهن ڪڏهن ڪوڙ جهڙي بُري بيماري ۾ مُبتَلا

تي ويندو آهي، دُنياوي لالچ جو نَشو اِنسان کي چڱي صحبت کان محروم ڪرائي ڇڏيندو آهي ۽ آخرڪار ان کي تباهي جي ڪناري تي بيهاريندو آهي. اچو! هاڻي دل سنيالي مالِ دنيا سان مَحَبَّت ۽ دُنياوي لالچ ۾ مُبتَلا لالچِين جي اَنجام تي مُشتَمِل هڪ نهايت عبرت ناڪ حڪايت پڙهو ۽ عبرت حاصِل ڪريو، جيئن تہ

## ٽين ماني ڪيڏانهن وئي؟

حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ عَلَيهِ السَّلَام جي خدمت ۾ هڪ ماڻهوءَ عرض ڪيو، ”يا روح الله! مان توهان جي صحبت بابرڪت ۾ رهي ڪري خدمت ڪرڻ ۽ شريعت جو علم حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو. پاڻ عَلَيهِ السَّلَام ان کي اجازت ڏئي ڇڏي، هلندي هلندي جڏهن ٻئي ڄڻا هڪ درياهہ جي ڪناري تي پهتا تہ پاڻ عَلَيهِ السَّلَام فرمايو ”اچو ماني کائون“ پاڻ عَلَيهِ السَّلَام وٽ ٽي مانيون هيون، جڏهن هڪ ماني ٻئي کائي چُڪا تہ حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلَيهِ السَّلَام نهر مان پاڻي پيئڻ لڳا، تہ ان شخص ٽين ماني لِڪائي ڇڏي، جڏهن پاڻ عَلَيهِ السَّلَام پاڻي پي ڪري واپس آيا تہ ماني نہ ڏسي ڪري پُڇيائون،” ٽين ماني ڪيڏانهن وئي؟“ ان ڪوڙ ڳالهائيندي چيو تہ مون کي خبر ناهي، پاڻ عَلَيهِ السَّلَام خاموش رهيا. ٿوري ديرڪانپوءِ فرمايائون،”اچو اڳتي هلون“ رستي ۾ هڪ هرڻي ملي جنهن سان گڏ ٻہ ٻچا هئا، پاڻ عَلَيهِ السَّلَام هرڻيءَ جي هڪ ٻچي کي پاڻ وٽ گهرايو، اهو اچي ويو، پاڻ عَلَيهِ السَّلَام ان کي ذبح ڪيو (گوشت کي) پُچيو ۽ ٻنهي ملي ڪري کاڌو، گوشت کائڻ کان بعد پاڻ عَلَيهِ السَّلَام هڏين کي جمع ڪيو ۽ فرمايائون ” قُمْ بِاِذْنِ اللّٰہ“ (يعني الله ڪريم جي حڪم سان زندھ ٿي ڪري اٿي بيهہ) هرڻي جو ٻچو زندھ ٿي ڪري پنهنجي ماءُ سان هليو ويو. پاڻ عَلَيهِ السَّلَام ان شخص کي فرمايائون توکي ان الله پاڪ جو قسم جنهن مون کي هي معجزو ڏيکارڻ جي قدرت عطا ڪئي، سچ ٻُڌاءِ اها ٽئين ماني ڪيڏانهن وئي؟ ان چيو ”مونکي خبر ناهي“، فرمايائون اچو اڳتي هلون، هلندي هلندي هڪ درياهہ تي پهتا، پاڻ عَلَيهِ السَّلَام ان شخص جو هٿ پڪڙيو ۽ پاڻيءَ جي مٿان هلندي

درياهہ جي ٻئي ڪناري پهچي ويا. پاڻ عَلَيهِ السَّلام ان شخص کي فرمايائون، ”توکي ان رب پاڪ جو قسم جنهن مونکي هي معجزو ڏيکارڻ جي قدرت عطا ڪئي، سچ ٻُڌاءِ، تہ اها ٽئين ماني ڪيڏانهن وئي؟ ان چيو مون کي خبر ناهي، فرمايائون، ”اچو اڳتي هلون“ هلندي هلندي هڪ ريگستان ۾ پهتا، پاڻ عَلَيهِ السَّلام واريءَ جو هڪ ڍير ٺاهيو ۽ فرمايو، اي واريءَ جا ڍير! الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان سون ٺهجي وڃ! ”اهو هڪدم سون ٺهجي ويو، پاڻ عَلَيهِ السَّلام ان جا ٽي حصا ڪيا، پوءِ فرمايائون،”هي هڪ حصو منهنجو آهي ۽ هڪ حصو توهان جو ۽ هڪ ان جو جنهن اها ٽئين ماني کنئي،“ اهو ٻُڌندي ئي ان شخص جلديءَ ۾ چيو، ” يا روح الله! اها ٽئين ماني مون ئي کنئي هئي“ پاڻ عَلَيهِ السَّلام فرمايو،”هي سڄو سون تون ئي کڻ “ ايترو فرمائي ان کي ڇڏي اڳتي تشريف کڻي ويا، اهو شخص سون کي چادر ۾ ويڙهي اڪيلو ئي روانو ٿي ويو، رستي ۾ ان کي ٻہ شخص مليا، انهن جڏهن ڏٺو تہ هن وٽ سون آهي تہ ان کي قتل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا تہ جيئن سون حاصل ڪريون، ان شخص جان بچائڻ خاطر چيو، توهان مون کي ڇو ٿا قتل ڪريو! اسان هن سون کي ٽي حصا ٿا ڪريون ۽ هڪ هڪ حصو ورهائي کڻون ٿا، اهي ٻئي شخص ان تي راضي ٿي ويا. ان شخص چيو،” بهتر هي آهي تہ اسان مان هڪ ڄڻو ٿورو سون کڻي ڪري ويجهو واري شهر ۾ وڃي ۽ کاڌو وٺي اچي تہ جيئن کائي پي ڪري سون ورهايون.“ پوءِ انهن مان هڪ شخص شهر پهتو، کاڌو خريد ڪري واپس ٿيڻ لڳو تہ ان سوچيو بهتر هي آهي تہ کاڌي ۾ زهر ملائي ڇڏيان تہ جيئن اهي ٻئي کائي مري وڃن ۽ سڄو سون منهنجو ٿي وڃي اهو سوچي ڪري ان زهر خريد ڪري کاڌي ۾ ملائي ڇڏيو. هوڏانهن انهن ٻنهي سازش ڪئي تہ جيئن ئي هو کاڌو وٺي ايندو تہ اسان ٻئي ملي ڪري ان کي ماري ڇڏينداسين ۽ پوءِ سڄو سون اڌ اڌ ڪري ورهائينداسين، پوءِ جڏهن اهو شخص کاڌو وٺي آيو تہ ٻنهي ان تي اوچتو حملو ڪيو ۽ ان کي قتل ڪري ڇڏيائون، ان کانپوءِ خوشي سان کاڌو کائڻ لاءِ ويٺا تہ زهر پنهنجو ڪم ڏيکاريو ۽ هي ٻئي بہ تڙپي تڙپي

مري ويا ۽ سون جيئن جو تيئن پيو رهيو. جڏهن حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح اللّٰه عَلَيه السَّلَام واپس موٽيا تہ ڪجھ ماڻهو پاڻ عَلَيه السَّلَام سان گڏ هئا، پاڻ عَلَيه السَّلَام سون ۽ ٽنهي لاشن جي طرف اشارو ڪري ساٿين کي فرمايائون، ”ڏسو دنيا جو هي حال آهي تہ پوءِ توهان تي لازم آهي تہ ان کان بچندا رهو.

(اِتحافُ السَّا دَ ة،ڪتاب ذم البخل... الخ،٩/٨٣٥ ملخصاً)

دُنیا کو تُو کیا جانے یہ بِس کی گانٹھ ہے حَرّافہ
صورت دیکھو ظالم کی تو کیسی بھولی بھالی ہے
شہد دِکھائے زہر پلائے، قاتل، ڈائن، شوہر کُش
اس مُردار پہ کیا للچایا دُنیا دیکھی بھالی ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”صَداءِ مدينہ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان معلوم ٿيو تہ مال ۽ زر جو حِرص گناهن تي اُڪسائيندو آهي، مال ۽ زر جو حِرص قَتل ۽ غارَت گري تي اُڀاريندو آهي، تنهنڪري خوابِ غفلت مان بيدار ٿي وڃڻ گهرجي، مال وزر،عزت ۽ منصب ۽ گناهن جي حرص کان پيڇو ڇڏايو ۽ نيڪين جو حريص بڻجڻ جي لاءِ عاشِقانِ رَسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ رهي ڪري ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. ۽ پنهنجي قبر ۽ آخرت کي سنواريو ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”صداءِ مدينہ“ لڳائڻ بہ آهي.اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي طرف کان هن مَدَني ڪم جو رسالو بنام”صداءِ مدينہ“ بہ منظرِ عام تي اچي چڪو آهي. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٹ www.dawateislami.net تان هن رسالي کي پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڊائون لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آئوٽ (Print out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

❖ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ”صَداءِ مدينہ“ جي برڪت سان نمازِ تهجد جي سعادت ملي

سگھي ٿي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان نماز جي حفاظت ٿيندي آهي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِاُوليٰ سان فجر نماز جي ادائيگي ٿي سگهي ٿي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان "نيڪي جي دعوت" ڏيڻ جو ثواب بہ حاصل ڪري سگهجي ٿو. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جي نيڪ نامي ۾ تشهير ٿيندي. ❖ "صداءِ مدينہ" لڳائڻ وارو باربار مُسلمانن کي حج ۽ منو مدينو ڏسڻ جي دُعا ڏيندو آهي، الله پاڪ چاهيو تہ اهي دُعائون، ان جي حق ۾ بہ قبول ٿينديون. ❖ "صداءِ مدينہ" ۾ پيدل هلڻ جي برڪت سان صحت بہ سٺي ٿيندي. ❖ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ کي **”صَداءِ مدينہ“** لڳائڻ چوندا آهن ۽ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ سُنّتِ مصطفيٰ ۽ سنتِ صحابہ آهي، جيئن تہ

اَمِيرُ المؤمنين حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائيندي مسجد تشريف کڻي ايندا ها. (طبقات کبريٰ، ذکر استخلاف عمر، ٢٦٣/٣ مفهوماً) اچو ترغيب طور صداءِ مدينہ لڳائڻ جي هڪ مدني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو، جيئن تہ

## صَداءِ مدينہ جي بَرَڪت سان فَيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين ملي وئي

هڪ اسلامي ڀاءُ عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دَعوَتِ اِسلامي جي مَدَني قافِلي سان گڏ هڪ شهر ۾ وياء اَذانِ فَجر کان بعد اهي صداءِ مدينہ لڳائيندا وڃي رهيا ها تہ اوچتو هڪ گهر مان هڪ ماڊرن نوجوان انهن سان گڏ شامِل ٿيو ۽ ان فَجر جي نَماز مَسجِد ۾ باجَمَاعَت ادا ڪئي. بعد ۾ ان نوجوان جو والِد مَدَني قافِلي وارن عاشِقانِ رسول سان ملڻ آيو. جيڪو هڪ مالدار شخص هو. اُن اچي ٻڌايو تہ صداءِ مدينہ جي بَرَڪت سان ان جو نافرمان ماڊرن (Modern) بي نَمازي پٽ پَنج وَقت نَماز پڙهڻ لڳو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان ماڊرن نوجوان جي والِد ان شهر ۾ مَدَني مَرڪز فَيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين بہ ڏئي ڇڏي.

پڑوسی بَنا مجھ کو جنّت میں اُن کا خدائے محمد برائے مدینہ
لگا فَجر میں بھائی گھر گھر پہ جاکر ذرا دل لگا کر "صدائے مدینہ"

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاڌي جو حِرص

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رهي! جهڙي طرح مال ۽ دَولت جو حِرص اسان جي مُعاشَري کي اُڌوهي وانگر کائي رهيو آهي، اهڙي طرح کائڻ پيئڻ جي حِرص به هاڻي هر هنڌ پنهنجي جاءِ سنڀالي آهي. جيئن تہ ٻار هجي يا وڏو، جوان هجي يا پوڙهو مَرد هجي يا عَورت، اَمير هجي يا غريب اَلغَرَض ڪاڌي جي حِرص هر هڪ کي پنهنجو شيدائي بڻائي رکيو آهي. ماڻهو پيسا ڏئي بازاري شين ۽ کاڌن سان گڏوگڏ طرح طرح جون "بيماريون" به خريدڻ ۾ مصروف آهن، هر طرف کائڻ پيئڻ جي شين جي خريداريءَ جي ڌُوم مَتل آهي، **فوڊ ڪلچر** جو دؤر هلي رهيو آهي، هڪ هڪ محلي ۾ ڪيترائي هوٽل کليل آهن، هرطرف ڪباب سموسا، رول، حَلوه پُوري، ڪليجي، اوجهڙي، فِش(مڇي) فَرائي،فِنگر چِپس (Finger Chips)، ڏهي بڙا ۽ آلو چولي جا ٺهيلا نظر اچي رهيا آهن چئن پاسي بِرياني،پلاؤ،نهاري،پايا، سَجّي، تافتان، شِيرمال،بَرگر، پزّا،پراٺن، سيخ ڪباب، بروسٽ، چِڪن تِڪن ۽ باربِي ڪيو جي خوشبو ڦهليل آهي، چانهه، ڪافي،آئِسڪريم، رَبڙي، لَبِ شِيرين، لَسّي، فُروٽ چاٽ ۽ ڪولڊرنڪس جي دڪانن جون خوب بهارون آهن. ضرورتمند خريدارن سان گڏوگڏ ڪيترائي ماڻهو فقط نفس جي لذت جي خاطر کائڻ پيئڻ جي شين مٿان بي تاب انداز ۾ ڦيريون پيا ڏين. جيڪو هٿ ۾ آيو ڦڪي رهيا آهن، جيڪو مليو هڙپ ڪري رهيا آهن، عُموماً شادي ڪاج ۽ وَليمي وغيره جي تقريبن تي ان طرح جا نظارا عام هوندا آهن. ڪاڌي جو اعلان ٿيندي ئي ڪاڌي جا حَرِيص ان زوردار طريقي سان ڪاڌي تي پوندا آهن جيئن بکايل دَرِندا پنهنجي شِڪار تي حملو ڪندا آهن. هن دَوران ڪاڌي جو وُضو ڪرڻ تہ رهيو پري، بِسْمِ الله شريف ۽ کائڻ جي دُعا به

جيڪڏهن ڪوئي پڙهي وني تڏهن بہ غَنِيمَت آهي. اهڙن کي ڏسي ائين لڳي ٿو شايد اهو انهن جي زندگي جو آخري ڪاڏو آهي، ان کان بعد اُنهن کي سڄي عُمر ڪڏهن اهڙو عمده ۽ لذيذ ڪاڏو نصيب ئي نہ ٿي سگهندو. جيئن تہ لالچي شخص تي ڪاڏو خَتم ٿيڻ جو خَوف غالِب رهندو آهي،تنهنڪري هو پنهنجي پليٽ کي ضرورت کان وڌيڪ ڪاڏي سان ڀريندو آهي، گهڻو ڪاڏو ضائع ڪندو آهي، چڱي طرح چٻاڻ بغير هي ڳهي ويندو آهي ۽ بعد ۾ ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جا چڪر لڳائيندو آهي. هاء! ڪاڏي جي لالچ ايتري قدر غالِب اچي چڪي آهي تہ نہ دُنياوي نقصان جو فِڪر هوندو آهي، نہ نماز، روزن جي ادائيگي جو هوش، نہ نيڪ ڪمن ۾ خَرچ ڪرڻ جو ذِهن، نہ غريب رِشتيدارن، دوستن ۽ پاڙيسرين جي پروا ۽ نہ ئي حسابِ آخِرت جو خيال. ڪاڏي جي حَرِيص جي بس اها ئي آرزو رهندي آهي تہ ڪاوان، ڪاوان ۽ بس ڪاوان ۽ ڪائيندو ئي رهان ڇڻ اڄ هر پاسي کان هي صدائون بلند ٿي رهيون آهن.تہ

## ڪائو پيئو، جان بڻايو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! جَون جي سُڪل ماني هجي يا گرما گرم ذائقيدار ڪاڏا، پيٽ ۾ وڃڻ کان بعد سب هڪ ٿي ويندا آهن. جيئن ئي گرھ نڙي مان لٿو ان جو ذائِقو خَتم. جيڪو هٿ ۾ آيو اهو پيٽ ۾ وجهڻ ۽ وڌيڪ ڪائڻ جا بيشمار ديني ۽ دُنيوي نقصان آهن. اچو! بُزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِم اَجْمَعِين جي اِرشادات جي روشني ۾ وڌيڪ ڪائڻ جا نقصان ٻڌو ۽ ڪائڻ جي حِرص کان پنهنجو پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪريو، جيئن تہ

## جاندار بدن جون آفتون

حضرت سيدُنا يحيٰي بن مُعاذ رازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو پيٽ ڀري ڪائڻ جو عادي ٿي ويندو آهي ان جي بدن تي گوشت وڌي ويندو آهي ۽ جنهن جي بدن تي گوشت وڌي ويندو آهي، اهو شهوت (خواهش) پرست ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو شهوت (خواهش) پرست ٿي ويندو آهي ان جا گناهہ وڌي ويندا آهن ۽ جنهن جا گناهہ وڌي ويندا آهن ان جو دل سخت ٿي ويندو آهي ۽ جنهن جو دل

سخت ٿي ويندو آهي اهو دنيا جي آفتن ۽ رنگينين ۾ غرق ٿي ويندو.
(اَلْمُنَبِّهات لِلْعَسْقَلاني، بابُ الخَماسي ص٥٩)

مجھے بھوک کی دے سعادت الٰہی پئے غوث دے استقامت الٰہی

## پيٽوءَ تي گناھن جوحملو

حُجَّة الْاِسْلام حضرت سيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اِرشاد فرمائن ٿا: وڌيڪ کائڻ سان عضون ۾ فتنو پيدا ٿئي ٿو، اعضاء ۾ فساد پيدا ڪرڻ ۽ بيهوده ڪم ڪرڻ جي دلچسبي پيدا ٿيندي آهي، جو تہ جڏھن انسان خوب پيٽ ڀري کائيندو آهي تہ ان جي جسم ۾ تڪبر ۽ اکين ۾ بدنگاھي جي خواهش پيدا ٿيندي آهي ڪَنَ بُريون ڳالهيون ٻُڌڻ جا مشتاق رھندا آھن، زبان فحش گوئي تي آماده ٿيندي آهي، شرمگاھ شهوت جي تقاضا ڪندي آھي. پير ناجائز جڳھن جي طرف هلڻ جي لاءِ بيقرار ٿيندا آهن. ان جي خلاف جيڪڏهن انسان بُکيو هجي تہ بدن جا سيئي عضوا پُرسڪون رھندا. ۽ نہ ئي ڪنهن بُرائيءَ جي لالچ ڪندا ۽ نہ ئي بُرائي کي ڏسي ڪري خوش ٿيندا.

**حضرت** سيدنا ابو جعفر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو ارشادِ گرامي آهي، ”پيٽ جيڪڏهن بُکيو هجي تہ جسم جا باقي عضوا پُرسُڪون هوندا آهن، ڪنهن شيءِ جو مطالبو ناهن ڪندا ۽ جيڪڏهن پيٽ ڀريل هجي تہ ٻيا عضوا بُکيا رهڻ جي سبب مختلف بُراين ڏانهن رجوع ڪندا آهن. (مِنهاجُ الْعابِدِين ،الفصل الخامس في البطن...الخ،ص٨٢-٨٣)

حِرْصِ دنيا نکال دے دل سے بس رہوں طالبِ رضا یاربّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مَدَني چينل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو! ڪاڏي جو حِرص بہ اِنسان کي ڪيئي بُرائين ۽ نقصانن جي دلدل ۾ وجهي ڇڏيندو آهي، تنهنڪري جيستائين ممڪن ٿئي تہ سُنّت مطابق بک کان گهٽ کائڻ جي عادت بڻائي ان جون بَرَڪتون حاصِل

ڪريو ۽ اها مَدَني سوچ ماڻڻ جي لاءِ عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي اختيار ڪريو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي ڪم و بيش 104 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهن، انهن مان هڪ شعبو **"مدني چينل "** بہ آهي.

اميراهلسنت، باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ وڏي شدّت سان محسوس ڪيو تہ مسلمانن جي گهرن مان T.V ڪيڊرائڻ تمام گهڻو **مشڪل** آهي، تنهنڪري هڪ ئي صورت نظر آئي ۽ اها هي تہ جهڙي طرح دريا ۾ ٻوڏ ايندي آهي تہ ان جو رخ فصلن وغيره جي طرف موڙيو ويندو آهي تہ جيئن فصل بہ سيراب ٿين ۽ آبادين کي بہ تباهي کان بچائي سگهجي بلڪل انهيءَ طرح T.V ئي جي ذريعي مسلمانن جي گهرن ۾ داخل ٿي ڪري انهن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪيو وڃي، جڏهن هن شعبي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪئي وئي تہ خبر پئي تہ پنهنجو T.V چينل کولي، فلمن ڊرامن، ڳائڻ وڄائڻ، موسيقي جي ڌُنن ۽ عورتن جي نمائش کان بچندي 100 فيصد اسلامي مواد فراهم ڪرڻ ممڪن آهي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي **مرڪزي مجلسِ شُورٰي** خوب جدوجهد ڪري رمضانُ المبارڪ 1429ھ سيپٽمبر (2008) کان مدني چينل جي ذريعي گهر گهر سنّتن جو پيغام عام ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ان جا حيرت انگيز مدني نتيجا سامهون اچڻ لڳا.

مَدَنی چینل کی مُہِم ہے نفس وشیطاں کے خلاف  جو بھی دیکھے گا کرے گا اِنْ شَآءَ الله اِعتراف
نَفْسِ اَمّارہ پہ ضَرب ایسی لگے گی زور دار  شرمِ عصیاں کے سبب ہوگا گنہگار اَشکبار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!   صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بَيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَڄ جي بَيان ۾ اسان ٻڌو تہ ❖ لالچ جي سبب انسان

آفتن، پريشانين ۽ مصيبتن ۾ گرفتار ٿي ويندو آهي. ❖ لالچ جي ڪري انسان ڪيئي نعمتن کان محروم ٿي ويندو آهي. ❖ لالچ پوڙهائپ تائين بہ جان نٿي ڇڏي. ❖ لالچ جي گندگي سان بُزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِم اَجْمَعِين جو دامن ڪڏهن داغ دار نہ ٿيو. ❖ لالچ جي ڪري انسان ڪيئي بُرائين ۾ مُبتَلا ٿي ويندو آهي. ❖ لالچ خون خرابو ڪرائيندي آهي. ❖ لالچ جي ڪري انسان بين کي ڌوکو ڏيندو آهي. ❖ لالچ الله پاڪ جي ياد کان غافل ڪندي آهي. ❖ لالچ چڱي صحبت کان محروم ڪندي آهي. ❖ لالچ حلال ۽ حرام جي تميز وساري ڇڏيندي آهي. الله ڪريم اسان کي لالچ جهڙي بري آفت کان محفوظ ڪري نيڪين جي حِرص جي لازوال نعمت سان سرفراز فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تَوَڪل ۽ قَناعت جا مَدَني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي تَوَڪل ۽ قَناعت جا ڪجھ مَدَني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪريون ٿا، پهريان بہ فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُلاحَظَہ ڪريو: (1)قَناعت ڪڏهن خَتم نہ ٿيندڙ خزانو آهي. (الزهد الكبير،ص٨٨،حديث:١٠٤) (2) بيشڪ ڪامياب ٿي ويو اهو شخص جنهن اِسلام آندو اُن کي بَقَدرِ ڪفايت (ضرورت مطابق) رزق ڏنو ويو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ اُن کي جيڪو ڪجھ ڏنو اُن تي قناعت بہ عطا فرمائي. (مسلم،كتاب الزكاة،باب في الكفاف والقناعة، ص٤٠٦، حديث:١٠٥٤) ❖ انسان کي جيڪو ڪجھ الله پاڪ جي طرفان مِلي ان تي راضي ٿي ڪري زندگي گذاريندي حِرص ۽ لالچ کي ڇڏي ڏيڻ کي قَناعت چئبو آهي. (جنتي زيور،ص١٣٦ملخصاً) ❖ روزمَرّه اِستِعمال ٿيڻ وارين شين جي نہ هئڻ تي بہ راضي رهڻ قَناعت آهي. (التعريفات للجرجاني،باب القاف،تحت اللفظ:القناعة، ص١٢٦) ❖ شيخ ابو علي دَقّاق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: تَوَڪل جا ٽي (3) دَرَجا آهن: (1) الله پاڪ جي ذات تي ڀروسو ڪرڻ، (2) ان جي حڪم اڳيان سَرِ تسليمِ خَم ڪرڻ ۽ (3)

پنهنجو هر مُعامَلو ان جي حوالي ڪرڻ. (رساله قشيرية،ص٢٠٣) ❖ دُنياوي شين ۾ قَناعت ۽ صَبر چڱو آهي پر آخِرَت جي شين ۾ حِرص ۽ بي صَبري اعليٰ آهي، دِين جي ڪنهن دَرَجي تي پهچي قَناعت نہ ڪريو اڳتي وڌڻ جي ڪوشِش ڪريو. (مرآة المناجيح،١١٢/٧) ❖ لالچ نهايت ئي بُري خَصلَت ۽ نِهايت خراب عادت آهي، الله پاڪ جي طرفان ٻانهي کي جيڪو رِزق ۽ نعمت ۽ مال ۽ دَولت يا عزّت ۽ رتبو مِليو آهي، انهيء تي راضِي ٿي قَناعت ڪرڻ گهرجي. (جنتي زيور،١١٠ ملخصاً) ❖ جنهن جون لالچ ڀريون نگاهون ماڻهن جي مال کي ڏسنديون رهن اهو هميشہ غمگين رهندو. (رساله قشيرية،١٩٨) ❖ بَلعَم بن باعُوراء جيڪو تمام وڏو عالِم ۽ مُستَجَابُ الدَّعوات هو، حِرص ۽ لالچ ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. (ملفوظات اعليٰ حضرت،ص٣٦٧ ماخوذاً) ❖ الله پاڪ فرمائي ٿو: اهو شخص منهنجي ويجهو سڀ کان وڌيڪ مالدار آهي جيڪو منهنجي ڏنل شين تي سڀ کان وڌيڪ قَناعت ڪرڻ وارو آهي. (ابنِ عساكر ،موسيٰ بن عمران بن يصهر بن قاهث،٦١/ ١٣٩ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پَروَردگار — سُنّتوں کی تَربِیَت کے قافِلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیۡہِ رَحمَۃُ اللّٰہِ الۡہَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!        صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305